بسم الله الرحمن الرحيم

**حق موجود** **سدا موجود**

جيئن تہ شاھ قلندر داتا پير سائين فضل الله شاھ صاحبن جن پنهنجي فقراءِ کي رات جو آخري پهر ۾ روزانو ذڪر سان رهڻ جو آسان طريقو سيکاريو ۽ سمجهايو ۔ اهو طريقو اڃا تائين هر طالب وٽ محفوظ آهي باقي عمل ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جو ذميوار هر ڪو پاڻ آهي ۔

حضرت صاحبن ڪريمن جو حڪم آهي تہ رات جو 3 بجہ ڌاري يعني وڏي عصر جو هر طالب کي گهرجي تہ باوضو ٿي ذڪر ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ۔ حڪم آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ (ڏه) 10 ڏهر (ڏه) 10 هلڪا ضروري آهن ۔ يعني هڪ تسبيح مڪمل ڪرڻ لازمي آهي ۔ باقي وڌيڪ جيتري توفيق رب سائين ڏي تہ منع نہ آهي ۔

انهن هدايتن کي ياد رکڻ ۽ غفلت کان بچڻ لاءِ هي هڪ ننڍڙو ڪتابڙو (اٿي اور الله سان ) فقراءَ جي سامهون آڻجي ٿو اميد تہ غافل وڌيڪ محو ٿيندا۔ ۽ جيڪي برجستا فقير هوندا آهي عمل ڪرائڻ جي همت افزائي ڪندا۔

**دعا گو**
**صوفي عطاءَ الله ستاري**
**طرفان ايس ۔ آئي ۔ وي ۔ سي**

سُتا اُٿي جاڳ ننڊ نـ ڪَجي ايتري؛

جوتو ساٽيهہ پانئيو سو مانجهاندي جو ماڳ؛

سُلطاني سُهاڳ نِنڊُن ڪندي نـَ ملي ـ

سُمهو سُک مَ جندڙا لاھ  مَ  پچاران ؛

کر جھوري کيٽان کالھوٽيائي اَج گھٽي ؛

سَڄيون راتيون سُمهين اِيءَ نَـ پانن پير ؛
سونهاري صُبوحِ سان واري ويڻين وير ؛
توکي چوندو کير ـ ريءَ کيرٿ مگڻو ؛

سُڄيون راتيون سُميهن ايُءَ حيوانن ريت ؛
پکي ءَ جَن پريت سي سُک نہ سُتا ڪڏهين .

سَنجهي رَهين سُمهي اُٿين ڪِين آسُورَ؛
صبح سَهندين سُور ٿُڪيءِ تون ڏاتار جو؛

راتڙيون جاڳن جي آئون سيئي ڪنديس سيڻ ؛
تِني سندا نيڻ اوجاڳي اُجاريا ؛

دانھوُن ڪيو دان گهرين ڳُجهو نـَ ڳائيين ؛

ٻوڙا ٻوڙو پاڙ جئين ٿو ڏاتار کي پائيين ؛

سَڏ ڪيوسُٽائيين هُت ستر معلوم سپڪا ؛

دِلَئون دَستَگِير ڪي جيڪو ڪري سَڏ ؛

تنهن سندائي هَڏ ثو اُڪاري اَوڪيءَ مان ؛

دِڏَئون دَستَگِير کي جيڪو ڪري آنهہ ؛

تنهن سندي ٻانهن ـ ٿو چڙائي چيهن ڪان ؛

پِير اسان جو بادشاه ٻيا وَليهـ سَپ وَزير ؛

هلن حضرت شاه ڏي فوجون ڪيو فقير ؛

ڪن عرض اسماعيل چئي هينئين مَنجهـ اُڪير ؛

داتا ڏُولهـ پير نالائق نوازيئين .

**پير اسان جو بادشاھ جو نَوَ ڪنڊ نمائي ؛**

**فرياڊُون فقير جون ٿو عرضئون اونائي ؛**

**آسرو مون آھي ھادي حضرت شيخ ؒ .**

ٻيا مڙيئي مگڻا ڏاتار تـ تون ؛
مينهن تـ مُندن وسڻا سدا وسين تون ؛
جي گهر اچين مون تـ ميريائي ماڻُ لهان .

**ڪو جو ڳڌين ڪاپڙي ڳيڙوءَ سان ڳُلزار ؛**

**تنهن موچاري مُومَل جا پيهي ڏنا پار ؛**

**گهوڙا گهوٽ سوار ڪاهي آيا ڪاڪ تي**

ڪي ڪنهن جا ڪارٽي ڪي پڙ ڪني پر ؛
اسان ڪي موج ميرانپور مير جي وسيلو واهر؛
ٿڪن ڪي ٿاهر آهي جهلو جهوڪ ڏٽين جو .

ميرانپور جا مگِڻا ڏسين جي ڏاتار؛
توڙئون طالبن جو آهي صُلح جو سينگار؛
منجهان نُور نِبار پکڙجي پئيدا ٿيو .

**ميرانپور جا مگٽا ڏسين جي ڏيئو؛**

**سنواري سون ڪري سگھوئي سِنيھو؛**

**جيسن ٿا جئو تيسين رڙھوانھيءَ راھ تي ـ**

پيارين پالوٺ سين ميرانپور جا مير؛

لاهين اڄ اکين سان پوڄ پيئاري پير؛

گهر انهين جي کير جي آسائو ٿي آئيا؛

قسمت آنديو ڪونجڙيون وطن سندن روھ ؛

ڪنھنجو ڪونھي ڏوھ روز رازق ھٿ ۾؛

تون سپڙ آئون سيڪڙو تون ڏاتار آئون ڏوھ ؛

تون پارس آئون لوھ سنجين تان سون ٿيان ؛

تون سپڙ آئون سيڪڙو تون ڏاتار آئون ڏَنُّ؛

سُٽي تنهنجو سڏ ڪُلهي پاتم ڪينرو؛

ٻاجھہ ٻہ ايڏي گھران جيڏو توئي نانءُ ؛

تون مَنھَن تون ٿُونٽيون تون چپر تون چانءَ؛

چوان چا آئون توکي معلوم سڀڪي ؛

سُتين ٻانهن سري ڏيئي ٿو چايئين مگڻهار؛
ڪِهڙو تن قرار جن چوٽاڏي چِٽ ڪئي ؛

جي نـ وَڃايئين مگڻا طمع جُون ٽالون ؛

سُڄن سپڙ ڄام کي تنهنجيون هينئين حوالون ؛

لاکيٽيون لالُون ٿيون ملن مانيئڙن کي ؛

ٽُون لاکو لکن جو ڏٽيءَ آئون اگليائي اوڏ ؛

مٿيءَ پريم هٿڙا کٿو ٻَڌان گوڏ ؛

لاکا تنهنجي کوڏ پيئي پاڙي گهاريان ؛

ڪَٽڪ تنهنجي ڪُونجڙي مر منجهيئي هوءَ ؛

ٻاهر واڪو وهي ووءَ ڪوهه لائيو صديق چيئي ؛

ڪي جو چيو ڪاپڙي سو صادق سيباڻون ؛
آهي مڙيوئي مينڊرو پر پنڌ پراهون ؛
سپ تو منجهہ سيباڻون تون مِڙني ۾ محَيط ٿيئين ؛

صادق سُجا پَسَ تون محلاتون ۽ ماڳ ؛
جن جي ٿي مُڇ مُرڪي ڪيائون رهاڻيون ۽ راڳ ؛
سي ورائي واڳ راڻان ڪنهن رُخ ويا ؛

مُومل مُني ميندڙا سُٽي ڪو سَلام ؛
پڳس سُک صديق چئي آچيس نـ آرام؛
ڪُنل ڪي ڪلام موتي آيو مُنـهن ۾ ؛

ڌرتي ڏڳ سنپرين سپ جوڏا ۽ جَوان ؛
هئا هزارين ڪيترا هِت صُوبا ۽ سُلطان ؛
تنيءَ جا مڪان صادَق سنپري ڪون ڪو ؛

**اُپرندان ٿي! اُپريو ڪري ڪِيڙُوءَ ڳل ؛**

**هادي هدايت جو ڪونهي سندن مُلهہ ؛**

**صادق ڳالهہ مُ سَل ڪِ فضل الله شاهہ فقير جي .**